هفتيوار رسالو

# حضرت سفيان ثوري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جا 87 ارشاد



- گهر آيل دولت واپس ڪري ڇڏي
- دنيا جي مثال
- فرائض کان پوءِ افضل عمل
- سپ کان وڏي خواهش

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: حضرت سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا 87 ارشاد
ڇاپو پهريون: جمادی الاخرى 1447هہ دسمبر 2025ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# حضرت سُفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه
# جا 87 ارشاد

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


حضرت سُفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا 87 ارشاد ........ 1
دعاءِ عطار ........ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
گهر آيل دولت واپس موٽائي ڇڏيائون (واقعو) ........ 2
علمِ دين جي اهميت ۽ ترغيب جي باري ۾ 14 مدني گُلَ ........ 4
عبادت جي باري ۾ 3 مدني گُلَ ........ 6
خوفِ خدا جي باري ۾ 3 مدني گُلَ ........ 7
مالَ جي محبت ۽ دنيا کان بي رغبتيءَ جي باري ۾ 20 مدني گُلَ ........ 8
موت، قبر ۽ آخرت جي باري ۾ 12 مدني گُلَ ........ 12
شُهرت کان بچڻ جي باري ۾ 7 مدني گُلَ ........ 14
مختلف ڳالهين جي باري ۾ 28 مدني گُلَ ........ 15
هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏيو ........ 19


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# حضرت سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا 87 ارشاد [1]

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ جيڪو بہ هي رسالو ”حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا 87 ارشاد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي دل مان دنيا جي محبت دور فرماءِ ۽ ان کي روحاني سڪون نصيب فرماءِ ۽ ان جي ماءُ پيءُ سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## دُرُود شريف جي فضيلت

صحابيءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت جابر رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ جا والدِ گرامي حضرت سَمُرَہ سُوَائي رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت فرمائن ٿا تہ اسان سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربارِ عاليشان ۾ حاضر هئاسين تہ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سڀ کان بهترين عمل ڪهڙو آهي؟ اُن تي محبوبِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”سچ ڳالهائڻ ۽ امانت ادا ڪرڻ.“ (راويءِ حديث حضرت سَمُرَہ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ

---

[1] ... هي رسالو المدينةُ العلميه جي شايع ٿيل ڪتاب ”اللہ والوں کی باتیں“ مان تيار ڪيو ويو آهي.

فرمائن ٿا ته) مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! وڏيڪ ڪجهه ارشاد فرمايو! فرمايائون: ”ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي درود پاڪ پڙهڻ، چوته اِهو عمل فَقُر (يعني غربت) کي دور ڪندو آهي.“ (القول البديع، ص: 273 مختصراً)

بہرِ رَفعِ مرضِ وزحمت ورنج وکُلفت ڈھونڈتے پھرتے ہیں وہ لوگ کہاں کا تعویذ
تم پڑھو صاحبِ لولاک پر کثرت سے دُرود ہے عَجَب دَردِ نہاں اور آماں کا تعویذ

(ديوانِ کافی ، ص24)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گهر آيل دولت واپس موٽائي ڇڏيائون (واقعو)

عظيم بزرگ حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ڀاءُ حضرت مبارڪ بن سعيد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيان ڪري ٿو ته هڪ شخص حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن وٽ درهمن سان ڀريل هڪ يا ٻه ٿيلهيون کڻي آيو، ان شخص جا والد صاحب سندن دوست هئا ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه انهن وٽ اڪثر ويندا رهندا هئا. اچڻ واري عرض ڪيو: ابوعبدُالله! (هي حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪنيت آهي) ڇا توهان جي دل ۾ منهنجي پيءُ جي باري ۾ ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهه آهي؟ پاڻ فرمايائون: الله پاڪ توهان جي پيءُ تي رحم فرمائي، هو ته اهڙا اهڙا هئا (يعني پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن جي پيءُ جي ساراهه ڪئي). ان شخص عرض ڪيو: ابوعبدُالله! مان چاهيان ٿو ته هي درهم توهان قبول ڪيو ۽ پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان کان اهي درهم ورتا ۽ جڏهن هُو اٿي وڃڻ لڳو ته پاڻ اها ٿيلهي مون کي ڏيندي فرمايائون: مبارڪ! هيءَ هُن

ڪي ڏئي ڇڏ ۽ ان شخص کي چيائون: اي منهنجي دوست جا پٽ! مان چاهيان ٿو تہ هي مال توهان کڻي وڃو، هن عرض ڪيو: ابوعبدُاللّٰه! ڇا توهان کي هن بابت ڪو شڪ آهي؟ فرمايائون: نہ، پر مان چاهيان ٿو تہ هي تون کڻي وڃ. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جڏهن ڪيس ڪيترائي ڀيرا چيو تہ هو اها ٿيلهي کڻي هليو ويو. جڏهن هو واپس هليا ويا تہ مان پاڻ کي روڪي نہ سگهيس ۽ پنهنجي پاءُ حضرت سفيان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تي ناراض ٿيندي عرض ڪيم: توهان تي افسوس آهي! توهان جي دل آهي يا پٿر؟ ڇا اوهان کي مون تي رحم نہ ٿو اچي؟ ڇا منهنجن ۽ پنهنجن ٻارن تي رحم نہ ٿو اچي؟ ان کان علاوه بہ مان هنن کي گهڻو ڪجهہ چيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اللّٰه اللّٰه! اي مبارڪ! مطلب تہ توهان هي مال ويهي مزي سان کائو ۽ ان جو حساب مون کان ورتو وڃي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 6/7)

اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ حضرت ابوعبدُاللّٰه سفيان بن سعيد ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيتري قدر اللّٰه جو خوف رکڻ وارا، دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا ۽ دنياوي مال جي حساب ڪتاب کان ڊڄڻ وارا بزرگ هئا. سندن شمار تَبع تابعِين ۾ ٿيندو آهي. پاڻ بهترين عالم، محدث، تمام وڏا عبادت گذار ۽ اللّٰه پاڪ جا ولي هئا.

سندن مقام، مرتبي ۽ عظمت تي ڪيترن ئي عالمن روشني وِڌي آهي ۽ ان ڪي پنهنجي ڪتابن ۾ بيان ڪيو آهي، نہ صرف ايترو پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه اهڙا تہ بابرڪت بزرگ آهن جو جيڪو سندن صحبت اختيار ڪندو هو يا انهن جي وسيلي سان ڪا ڳالهہ ڪندو هو تہ عالمن جي نظر ۾ ان جو بہ قدر وڌي ويندو هو.

عظيم تابعي بزرگ حضرت عبدُاللّٰہ بن مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪي حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جون محفلون تمام گھڻيون پسند آهن، ڇوتہ مان جڏهن بہ انهن کي ڏٺو تہ ڪڏهن ورع ۽ تقويٰ جي حالت ۾، ڪڏهن نماز پڙهندي ۽ ڪڏهن فقہ جي مسئلن ۾ غور ڪندي ڏٺو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 497/6)

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه مختلف موقعن تي اهڙا حڪمت سان ڀريل ۽ ايمان افروز قولَ ارشاد فرمايا آهن جو جيڪڏهن مسلمان انهن تي عمل ڪن تہ اِن شاءَ اللّٰہُ الكريم سندن دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي سگهن ٿيون. انهن مان ئي ڪجهہ قولَ هتي آسان ڪري پيش ڪيا پيا وڃن. اللّٰہ پاڪ جي رضا ۽ ديني علم حاصل ڪرڻ جي نيت سان انهن قولن کي پڙهو ۽ نيت ڪريو تہ انهن تي عمل بہ ڪنداسين. اِن شاءَ اللّٰہُ الكريم

## علمِ دين جي اهميت ۽ ترغيب جي باري ۾ 14 مدني گُلَ

﴿1﴾ حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمايو: علم ان لاءِ حاصل ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ان جي ذريعي اللّٰہ پاڪ جو خوف ۽ تقويٰ حاصل ڪئي وڃي، ان ڪري ئي علم کي فضيلت عطا ڪئي وئي آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 501/6)

﴿2﴾ علم سِکو ۽ ان تي صبر ۽ برداشت کان ڪم وٺو ۽ گڏوگڏ مذاق مسخري ڪرڻ وغيره کان بچندا رهو، نہ تہ دليون پٿر ٿي وينديون.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 502/6)

﴿3﴾ علم کي پنهنجي ذريعي رونق بخشيو ۽ پاڻ کي علم جي ذريعي نہ سينگاريو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 501/6) (يعني علمِ دين جي دولت حاصل ڪري پاڻ کان جهالت دور ڪيو ۽ پوءِ ان علم کي ڦهلايو، ائين نہ ٿئي جو علم ان ڪري حاصل ڪريو تہ جيئن ماڻهو توهان جي تعريف ڪن يا توهان کي وڏو عالم سمجهن.)

﴿4﴾ "**علم**" دين جو طبيب آهي ۽ "**درهم**" دين جي بيماري آهن، جڏهن طبيب ئي بيماريءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو تہ پوءِ ٻين جو علاج ڪيئن ڪندو؟ (اللّٰہ والوں کی باتیں، 501/6)

﴿5﴾ علم جو سڀ کان پهريون درجو خاموشي، ٻيو درجو غور سان ٻڌڻ ۽ ياد ڪرڻ، ٽيون درجو ان تي عمل ڪرڻ ۽ چوٿون درجو ان کي ڦهلائڻ آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 502/6)

﴿6﴾ فرضن کانپوءِ علم حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ افضل عمل ٻيو ڪو بہ نہ آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 502/6)

﴿7﴾ ماڻهوءَ کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي علم حاصل ڪرڻ تي مجبور ڪري، ڇو تہ ان کان ان جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 505/6)

﴿8﴾ حديث شريف سون ۽ چانديءَ کان وڌيڪ آهي، پر ان کي حاصل نہ ڪيو ويندو آهي. (يعني ان کي حاصل ڪرڻ وارا تمام ٿورا آهن). (اللّٰہ والوں کی باتیں، 503/6)

﴿9﴾ علمِ حديث عزت ئي عزت آهي، جيڪو ان جي ذريعي دنيا گهرندو ته ان کي دنيا ملندي ۽ جيڪو آخرت گهرندو ته ان کي آخرت ملندي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 505/6)

﴿10﴾ ماڻهن جي لاءِ حديث کان وڌيڪ فائديمند ٻي ڪا به شيءِ نه آهي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 505/6)

﴿11﴾ جيڪڏهن مون کي خبر پئي ته ڪو اخلاص سان علمِ حديث طلب ڪرڻ چاهي ٿو ته مان ضرور ان جي گهر وڃي ڪيس حديث ٻڌايان. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 506/6)

﴿12﴾ حديث شريف سِکڻ کان وڌيڪ افضل عمل ٻيو ڪو به نه آهي، پر شرط اهو آهي ته نيت درست هجي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 506/6)

﴿13﴾ علم عمل ڪرڻ جي لاءِ ئي حاصل ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري نه عمل جي ڪري علم حاصل ڪرڻ ڇڏي ڏيو ۽ نه ئي علم جي ڪري عمل ڪرڻ ڇڏي ڏيو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 18/7)

﴿14﴾ (حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا محدث هئا، پر تنهن هوندي به عاجزي ڪندي فرمائن ٿا:) مان چاهيان ٿو ته حديث شريف جي معاملي ۾ بلڪل بچي وڃان (يعني نه ئي ثواب ملي ۽ نه ئي پڪڙ ٿئي). (اللّٰہ والوں کی باتیں، 78/7)

## عبادت جي باري ۾ 3 مدني گُلَ

﴿1﴾ جڏهن مان قرآن پاڪ پڙهندو آهيان ته دل چوندي آهي ته اِتي ئي رڪجي وڃان ۽ ان کان سواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ ڏانهن نه وڃان.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 506/6)

﴿2﴾ تلاوتِ قرآن ۾ خوبصورتي تڏهن اچان وڌيڪ ايندي آهي جڏهن ان ۾ زُهد (يعني تلاوت ڪرڻ واري جي دل ۾ دنيا کان بي رغبتي) بہ شامل ٿي وڃي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 44/7)

﴿3﴾ حضرت سيدنا يحيٰ بن يمان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان سوال ڪيو تہ ابو عبدالله عبادت ڪٿي بهتر ٿيندي آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو جتي مانيءَ سان پريل هڪ وڏو ٿيلهو هڪ درهم ۾ ملندو هجي تہ جيئن ڪو بہ ٻئي ڪنهن ڏانهن سواليہ نظرن سان نہ ڏسي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 26/7) (مطلب هي آهي تہ عبادت اُتي وڌيڪ سُڪون سان ٿيندي آهي جتي ماڻهن جون بنيادي ضرورتون آسانيءَ سان پُوريون ٿي وڃن، مثال طور کاڌي پيتي جون شيون سَستيون هجن تہ جيئن ڪو بہ بک يا محتاجي جي ڪري ٻين کان سوال نہ ڪري يا انهن ڏانهن اميد پرين نگاهن سان نہ ڏسي).

## خوفِ خدا جي باري ۾ 3 مدني گُلَ

﴿1﴾ الله پاڪ پانهي تي ان حاجت ۾ ضرور انعام عطا فرمائيندو آهي جنهن ۾ هو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ڪثرت سان ٻاڏائيندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 17/7)

﴿2﴾ جڏهن اسان دين ۾ ڪا سخت وعيد يا ڊيڄارڻ واري ڳالهہ ٻڌندا آهيون تہ ڊڄي ويندا آهيون ۽ جڏهن رحمت يا اميد واري ڳالهہ ٻڌندا آهيون تہ مسلمانن جي لاءِ ان جي تمنا ڪندا آهيون. اسان نہ مري ويلن تي (جنتي يا جهنمي) هجڻ جو فيصلو ٻڌائيندا آهيون ۽ نہ ئي جيئرن جو حساب ڪندا آهيون. جن ڳالهين جو

اسان کي علم نہ هوندو آهي، انهن کي علم وارن جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ انهن جي راءِ کي پنهنجي راءِ کان وڌيڪ سٺو سمجهندا آهيون. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 41/7)

﴿3﴾ جيستائين خوفِ خدا جي شدت نہ هجي، عبادت تي استقامت حاصل ڪرڻ مشڪل آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 501/6 ملخصاً)

## مالَ جي محبت ۽ دنيا کان بي رغبتيءَ جي باري ۾ 20 مدني گُلَ

﴿1﴾ دنيا کي دنيا ان لاءِ چوندا آهن جو اها "دَنِيَّہ يعني گهٽيا" آهي ۽ مال کي مال ان ڪري چوندا آهن جو اهو مالدار کي ٽيڙهو بڻائي ڇڏيندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 16/7)

﴿2﴾ مال کي مال ان ڪري بہ چيو ويندو آهي جو اِهو دلين کي پاڻ ڏانهن مائل ڪندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 531/6)

﴿3﴾ ماڻهن جي رضامندي جي اهڙي انتها آهي جنهن تائين پهچڻ ممڪن نہ آهي ۽ دنيا جي طلب جي بہ هڪ انتها آهي پر ان تائين پهچڻ بہ ممڪن نہ آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 531/6)

﴿4﴾ بي سَوادو کاڌو کائڻ ۽ کهُرو لباس پائڻ دنيا کان بي رغبتي نہ آهي، پر دنيا کان بي رغبتي تہ اميدن جو ننڍو هئڻ (يعني موت کي ياد ڪرڻ) آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 531/6)

﴿5﴾ جيڪڏهن ڪاڌو کائڻ مان توهان جو مقصد صرف پيٽ ڀرڻ آهي تہ ان جي لاءِ سوال نہ ڪريو، جيڪڏهن توهان کي لُوڻ جي ضرورت آهي تہ ان جي لاءِ بہ سوال نہ ڪريو ۽ پڪ ڄاڻو تہ جيڪا

ماني اوهان کي کائٽي آهي تنهن ۾ لُوڻ ملائي ان جو اٽو ڳوهيو ويو آهي ۽ توهان کي پاڻي پيئڻ جي ضرورت هجي ته پنهنجي هٿن جو استعمال ڪيو جو اهي پاڻي جي ٿانوَ جو ڪم ڏيندا.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 526/6)

﴿6﴾ مالدار به زاهد (يعني دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارو) ٿي سگهي ٿو جڏهن ته مصيبت تي صبر ڪري ۽ نعمت تي شڪر ڪري.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 532/6)

﴿7﴾ جڏهن ٻانهو دنيا کان بي رغبت ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ ان جي دل ۾ حڪمت پيري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ان حڪمت کي سندس زبان تي جاري فرمائي ڇڏيندو آهي، ان کي دنيا جا عيب، ان جون بيماريون ۽ انهن جو علاج به ڏيکاري ڇڏيندو آهي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 535/6)

﴿8﴾ الله جي اها نعمت جيڪا مون کان دنيا کي پري ڪري ڇڏي، ان نعمت کان وڏي آهي جيڪا مون کي دنيا عطا ڪري. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 76/7) (يعني الله پاڪ جي سڀ کان وڏي نعمت هيءَ آهي ته هُو دنيا جي محبت ۽ لالچ منهنجي دل مان ڪڍي ڇڏي، ۽ اِها نعمت ان نعمت کان وڏي آهي جيڪا مون کي دنيا جي دولت عطا ڪري).

﴿9﴾ دنيا دارن جي تعظيم ڪرڻ واري عالِم ۾ ڪا به ڀلائي نه آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 65/7)

﴿10﴾ مان ڪنهن جي دنيا سان محبت ڪي، ان جو دنيا دارن کي سلام ڪرڻ مان سڃاڻي وٺندو آهيان. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 65/7)

﴿11﴾ مون کڏهن هڪ درهم به عمارت ٺاهڻ ۾ خرچ نه ڪيو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 31/7) (پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو اهو عمل دنيا کان بي رغبتي جو اعليٰ ترين دليل آهي)

﴿12﴾ جيڪڏهن توهان جي وَسَ ۾ آهي ته پنهنجي زندگي ۾ (بنا ضرورت ۽ بغير شرعي حاجت جي) ڪنهن سان به ميل ملاقات نه رکو، ته ائين ئي ڪيو، پنهنجي ضرورت جي سامان جي درستگيءَ ۾ مشغول رهو، حڪمرانن وٽ وڃڻ کان بچو، توهان کي انهن کان جيڪا حاجت هجي اُها الله پاڪ کان گهرو، پيش اچڻ واري هر ڳالهه ۾ الله جي پناهه کي لازمي پڪڙيو، ماڻهن کان بي نياز رهو ۽ پنهنجون ضرورتون ان جي بارگاهه ۾ رکو جنهن جي بارگاهه ۾ ضرورتن جي ڪا حيثيت ئي نه آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 12/7)

﴿13﴾ صاحبِ بصيرت شخص جي نظر ۾ دنيا جو اڪثر حصو بدترين آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 28/7)

﴿14﴾ جنهن به شخص کي دنيا مان ڪجهه ڏنو ويو آهي، تنهن کي اِهو به چيو ويو آهي ته: **”هي وٽ ۽ هن جي برابر غم به وٺ.“**
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 29/7)

﴿15﴾ زُهد اختيار ڪيو، الله پاڪ دنيا جا راز اوهان تي ظاهر فرمائي ڇڏيندو، پرهيزگاري اختيار ڪيو، الله پاڪ اوهان جي حساب ۾ نرمي فرمائيندو، شبهي وارا ڪم ڇڏي اهڙا ڪم ڪيو جيڪي اوهان کي شڪ ۾ نه وجهن ۽ شڪ کي يقين سان ختم ڪيو، ائين ڪرڻ سان اوهان جو دين سلامت رهندو.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 29/7)

﴿16﴾ جيڪڏهن توهان آخرت جي رغبت سبب دنيا نہ ٿا ڇڏي سگهو تہ پوءِ هن انديشي سبب ڇڏي ڏيو تہ اِها بيڪار زمين ۽ بيمار اُٺَن جو واڙو آهي جنهن ۾ توهان جهڙن ماڻهن جي گهڻائي آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 30/7)

﴿17﴾ جنهن نيڪ عمل جي ڪري اوهان فوت ٿيل ماڻهن تي رشڪ ڪندا آهيو، اُها ئي خوبي جيڪڏهن ڪنهن جيئري انسان ۾ ڏسو تہ ان تي بہ رشڪ ڪيو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 30/7 مختصراً) (يعني صرف مرڻ ڪان پوءِ ئي نيڪين جو قدر نہ ڪيو، پر جيئرن ۾ بہ نيڪي ڏسي انهن جو قدر ڪيو).

﴿18﴾ جڏهن بہ دنيا مان اسان وٽ ڪجهہ آيو تہ اسان ان ڳالهہ جي خواهش ڪئي تہ دنيا تي راضي ڪو ماڻهو ملي وڃي تہ اُها ڪيس ڏئي ڇڏيون. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 31/7)

﴿19﴾ دنيا جو مثال ماکي لڳل مانيءَ جهڙو آهي، جيڪڏهن ان تي ڪا مَک ويهندي آهي تہ اها مانيءَ ڪيس پَرَن کان محروم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ جيڪڏهن اها سُڪل مانيءَ تي ويهي تہ محفوظ رهندي آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 76/7)

﴿20﴾ توهان جي لاءِ دنيا ۾ سڀ کان سٺي شيءِ اها آهي جيڪا توهان کي دنيا ۾ آزمائش ۾ مبتلا نہ ڪري ۽ جيڪڏهن توهان ڪنهن شيءِ جي باري ۾ آزمائش ۾ مبتلا ٿي وڃو تہ توهان جي لاءِ بهتر اهو آهي تہ اها شيءِ اوهان وٽان نڪري وڃي تہ جيئن توهان آزمائش کان بچي سگهو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 30/7 ملخصاً) (يعني اصلي ڀلائي ان ۾ آهي تہ دنيا جي شيءِ توهان جي لاءِ فتني يا

گناهہ جو سبب نہ بڻجي ۽ جيڪڏهن بڻجي رهي آهي تہ ان جو نہ هجڻ ئي اوهان جي حق ۾ بهتر آهي).

## موت، قبر ۽ آخرت جي باري ۾ 12 مدني گُلَ

﴿1﴾ جهڙي طرح توهان کي موت جو علم آهي، اهڙي طرح موت جو علم جيڪڏهن چوپاين جانورن کي بہ هجي ها تہ توهان کي ڪو بہ تندرست ۽ توانو جانور کائڻ لاءِ نہ ملي ها. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 538/6)

﴿2﴾ مون ڪڏهن بہ پنهنجي نفس جي علاج کان وڌيڪ ڏکيو علاج ٻي ڪنهن بہ شيءِ جو نہ ڪيو، ڪڏهن اهو منهنجي خلاف هوندو آهي تہ ڪڏهن منهنجي موافق. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 8/7)

﴿3﴾ اي هوشيار شخص! زندگي گندي آهي، ان جي صفائي موت ۽ قبر جي هولناڪي کي ياد ڪرڻ آهي. ماڻهن سوچي سمجهي دنيا کي بُرو چيو آهي، جيڪا ڏُوهہ وانگر مٿان خوبصورت ۽ اندران انتهائي ڪوڙي آهي. زماني جا حادثا هميشہ ان سان جُڙيل رهيا آهن ۽ ان جون مصيبتون پٿرن تي وهندڙ تيز پاڻيءَ مثل آهن. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 513/6)

﴿4﴾ جڏهن تون دنيا مان تقويٰ جو توشو کڻي نہ ويندين ۽ موت کان پوءِ اهڙي شخص سان ملندين جنهن تقويٰ کي پنهنجو توشو بڻايو هو تہ ان وقت توکي شرمندگي ٿيندي تہ تون ان جهڙو ڇو نہ ٿئين ۽ تون اهڙي تياري ڇو نہ ڪئي جهڙي هُن ڪئي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 514/6)

﴿5﴾ جڏهن مُردو ڪَٽَ تي هوندو آهي تہ ان کي چيو ويندو آهي تہ: ”ماڻهن کان پنهنجي ساراهہ ٻڌ.“ (اللّٰہ والوں کی باتیں، 74/7)

﴿6﴾ جڏهن ڪنهن مري ويل شخص جو ذڪر ٿئي ته ان جي باري ۾ عام ماڻهن جي ڳالهين کي اهميت نه ڏيو، پر علم ۽ عقل وارن جي ڳالهه کي اهميت ڏيو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 38/7)

﴿7﴾ مرڻ واري جي گهر وارن کي گهرجي ته مرڻ واري کي ڪلمهءِ شهادت جي تلقين ڪن،[1] جوته جڏهن حضرت ملڪ الموت عليه السلام ان جي چيلهه کي ڇُهندو آهي ته سندس ڳالهائڻ ۽ سڃاڻڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي آهي، پوءِ هُو سڪرات جي تڪليف جو جام پيئندو آهي. جيڪڏهن ان وقت سندس هٿ ۾ تلوار هجي ۽ ڪيس طاقت به هجي ته هُو پنهنجي پيءُ کي به قتل ڪري ڇڏي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 71/7)

﴿8﴾ ماڻهو سُتا پيا آهن، جڏهن مَرندا ته جاڳي پوندا. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 72/7)

﴿9﴾ اکين جو ڏسڻ دنيا سان ۽ دل جو ڏسڻ آخرت سان آهي. بيشڪ ٻانهو اکين سان ڏسندو آهي ته ان مان ڪوبه فائدو حاصل نه

---

1 ... سڪرات جي حالت ۾ جيسيتائين مرڻ واري جو ساهه نه نڪري وڃي تيسيتائين ڪيس تلقين ڪندا رهو، يعني ان جي پرسان بلند آواز سان اَشْهَدُ اَنْ لَّآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰه ﴿صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم﴾ پڙهندا رهو، پر ان کي پڙهڻ جو حڪم نه ڪريو. (جوہرہ نیرہ، ص: 130)
وڏيڪ هي ته جڏهن هُو ڪلمو پڙهي وٺي ته تلقين روڪي ڇڏيو، پر جيڪڏهن ڪلمو پڙهڻ کان بعد هن ڪا ڳالهه ڪئي ته ڪيس ٻيهر تلقين ڪيو ته جيئن سندس آخري ڪلام ”لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه“ هجي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ته جنهن جو آخري ڪلام ”لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ هوندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (ابوداود، 3 / 255، حديث :3116۔ عالمگيري، 157/1)

ڪري سگهندو آهي ۽ جيڪڏهن هُو دل سان ڏسندو آهي تہ فائدو حاصل ڪندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 74/7)

﴿10﴾ سڀ کان بيڇڙي خواهش اها آهي تہ توهان آخرت واري عمل سان دنيا جي طلب ڪريو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 74/7)

﴿11﴾ مان دنيا کان آخرت ڏانهن وڃڻ واري مومن جي تشبيهہ ان ٻار سان ڏيندو آهيان جيڪو رحمِ مادر (يعني ماءُ جي پيٽ جي تنگيءَ) مان نڪري دنيا جي راحت ماڻيندو آهي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 32/7)

﴿12﴾ حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هي شعر مثال طور پيش فرمائيندا هئا:

بَاعُوْا جَدِيْدًا جَمِيْلًا بَاقِيًا اَبَدًا — بِدَارِسٍ خَلَقٍ يَا بِئْسَ مَا اتَّجَرُوْا

**ترجمو:** انهن نئين خوبصورت ۽ هميشہ باقي رهڻ واري (آخرت) کي پراڻي ۽ فنا ٿيڻ واري (دنيا) جي بدلي ۾ وڪرو ڪري ڇڏيو، سندن واپار ڪيڏو نہ خراب آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 9/7)

## شُهرت کان بچڻ جي باري ۾ 7 مدني گُلَ

﴿1﴾ مان مڪي ۽ مديني ۾ غريب، بي سهارا ۽ عبادت ڪرڻ وارن ماڻهن جي وچ ۾ ويهي دلي سڪون محسوس ڪندو آهيان.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 10/7)

﴿2﴾ شهرت کان بچو، مان جنهن بہ بزرگ وٽ ويس انهن مون کي شهرت کان روڪيو. ڄاڻ سُڃاڻ گهٽ رکو توهان جي غيبت گهٽ ٿيندي. گمنام رهڻ ۾ عافيت آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 33/7)

﴿3﴾ ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست بڻايو، پوءِ ڪيس ناراض ڪري ڇڏيو، ان کان پوءِ ڪنهن کي اُن وٽ موڪلي پنهنجي باري ۾ سندس راءِ معلوم ڪري ڏسو (تہ هُو اوهان جي ڪهڙي طرح مخالفت ڪري رهيو آهي). (اللّٰہ والوں کی باتیں، 13/7)

﴿4﴾ جيڪو توهان کي نہ سڃاڻيندو هجي ان کي پنهنجي باري ۾ نہ ٻڌايو ۽ جيڪو توهان کي سڃاڻيندو آهي ان جي باري ۾ ڄاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪندا ڪيو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 13/7)

﴿5﴾ عزت ۽ شهرت جي محبت کان بچو، ڇو تہ ان کان منهن موڙڻ دنيا کان منهن موڙڻ کان بہ وڌيڪ ڏکيو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 531/6)

﴿6﴾ مان چاهيان ٿو تہ مان اهڙي جاءِ تي هجان جتي نہ سڃاتو وڃان ۽ نہ ئي رُسوا ڪيو وڃان. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 534/6)

﴿7﴾ مون ڪنهن بہ شيءِ کي ڇڏڻ، عهدي ۽ سربراهي ڇڏڻ کان وڌيڪ آسان ڏٺو آهي. توهان ڏسندؤ تہ ڪو شخص کاڌو، پيتو، مال ۽ ڪپڙو وغيره تہ ڇڏي سگهي ٿو، پر جڏهن ساڻس عهدي ۽ سربراهي جي معاملي ۾ جهيڙو ڪيو وڃي تہ هُو ان جو دفاع ڪندو آهي ۽ دشمني تي لهي ايندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 56/7)

## مختلف ڳالهين جي باري ۾ 28 مدني گُلَ

﴿1﴾ شرير ماڻهن مان خير جي اميد رکڻ عجيب ڳالھ آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 72/7)

﴿2﴾ جڏهن توکي پنهنجي نفس جي سڃاڻپ ٿي ويندي تہ پوءِ توکي تنهنجي باري ۾ ڪيون وڃڻ واريون ڳالهيون ڪوبہ نقصان

نہ پھچائيندیون. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 535/6)

﴾3﴿ ظالم جو مُنهُن ڏسڻ بہ خطا آهي ۽ گمراهہ ڪرڻ وارن اڳواڻن ڪي ڏسڻو پئجي وڃي تہ انهن ڪي دل ۾ بُرو سمجهو، ائين نہ ڪرڻ سان متان اوهان جا عمل برباد ٿي وڃن. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 57/7)

﴾4﴿ اميرن جي گهرن ڪي نہ ڏسو ۽ جڏهن اهي سوارين تي ڪٿان ڪان گذرن تہ انهن ڪي بہ نہ ڏسو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 57/7)

﴾5﴿ جنهن ظالم جي لاءِ ڊگهي عمر جي دعا ڪئي اُن اِهو پسند ڪيو تہ اللّٰہ پاڪ جي نافرماني ڪئي وڃي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 65/7)

﴾6﴿ اجر صبر جي مطابق ملندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 75/7)

﴾7﴿ اهو شخص علم ۽ سمجهہ وارو نہ آهي جيڪو تڪليف ۽ آزمائش ڪي نعمت ۽ آرام ڪي مصيبت نہ سمجهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 76/7)

﴾8﴿ اسان دين ۽ دنيا ۾ هم خيال دوست ڪان وڌيڪ نفعو ڏيڻ واري ٻي ڪا بہ شيءِ نہ ڏٺي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 78/7)

﴾9﴿ اللّٰہ پاڪ جي حمد ڪرڻ ذڪر بہ آهي ۽ شڪر بہ، ان ڪانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ ۾ هڪ ئي وقت ذڪر ۽ شڪر نہ آهي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں،78/7)

﴾10﴿ ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جنهن ۾(حالتن جي خرابي سبب) ڪنهن سمجهہ واري جي اک ٺڏي نہ ٿيندي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 17/7)

﴾11﴿ توهان ڪي گهرجي تہ زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ وچولو رستو اختيار ڪيو ۽ سرڪش ماڻهن جي مشابهت اختيار ڪرڻ ڪان بچو، ڪاڌي، پيتي، اَٽي لَٽي ۽ سواريءَ جي لاءِ اهڙيون شيون

اختيار ڪريو جيڪي گھٽيا نہ هجن، وڏيڪ هي تہ متقي، امانتدار ۽ خدا جو خوف رکڻ وارن سان مشورو ڪندا ڪريو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 19/7)

﴿12﴾ ٻئي محافظ فرشتا نيڪين ۽ برائين جي بُوءِ تڏھن محسوس ڪندا آھن جڏھن دل انھن ڪي ڪرڻ جو پختو ارادو ڪري وٺندي آھي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 22/7)

﴿13﴾ جڏھن سج اولھہ کان اُڀرندو تہ ملائڪ عمل لکڻ بند ڪري ڇڏيندا ۽ پنھنجا قلم رکي ڇڏيندا. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 23/7)

﴿14﴾ شيطان جو زور ٽوڙڻ جي لاءِ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰہ چوڻ کان وڏيڪ ٻي ڪا بہ شيءِ نہ آھي ۽ ثواب ۾ واڌارو ڪرڻ وارن ڪلامن ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ جھڙو ٻيو ڪو بہ ڪلام نہ آھي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 23/7)

﴿15﴾ گمان ٻن قسمن جو آھي، ھڪ اھو جنھن ۾ گناھ آھي ۽ ٻيو اھو جنھن ۾ گناھ نہ آھي. گناھ وارو اھو آھي جيڪو زبان تي اچي وڃي ۽ جيڪو زبان تي نہ اچي ان ۾ گناھ نہ آھي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 23/7)

﴿16﴾ جيڪڏھن يقين دل ۾ اھڙو قرار پڪڙي وٺي جھڙو ھجڻ گھرجي تہ دل جنت جي شوق سبب خوش ٿي ويندي يا جھنم جي خوف سبب غمگين ٿي ويندي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 26/7)

﴿17﴾ جڏھن توھان کي ڪنھن سستي علائقي جي خبر پئجي وڃي تہ اتي ھليا وڃو، ڇوتہ اھو توھان جي دين جي لاءِ وڏيڪ سلامتي وارو ۽ توھان جي لاءِ تھمتن کي گھٽ ڪرڻ وارو آھي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 26/7)

www.dawateislami.net

﴾18﴿ حضرت سيدنا وڪيع رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ اسان عيد جي ڏينهن حضرت سيدنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گڏ نڪتاسين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ”اڄ اسان جو پهريون ڪم نگاهون جهڪائي هلڻ آهي.“ (اللّٰہ والوں کی باتیں، 32/7)

﴾19﴿ خواهشن، جهيڙن ۽ حاڪمن کان پري رهو.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 41/7)

﴾20﴿ جنهن جو باطن ان جي ظاهر کان سنو هجي تہ اهو فضل آهي ۽ جنهن جو باطن ان جي ظاهر کان بُرو هجي تہ اهو ظلم آهي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 44/7)

﴾21﴿ قول عمل سان ئي درست آهي، قول ۽ عمل ٻئي نيت سان درست آهن، ۽ قول، عمل ۽ نيت، سنت جي موافقت سان ئي درست ٿيندا آهن. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 47/7)

﴾22﴿ جڏهن اللّٰه پاڪ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان کي قول ۽ فعل جي درستي عطا فرمائيندو آهي ۽ ان کي گناهن کان محفوظ رکندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 49/7)

﴾23﴿ جنهن ڪنهن بد مذهب جي ڳالهہ توجهہ سان ٻڌي ۽ ان جو بد مذهب هجڻ کيس معلوم هو، تہ اهو اللّٰه جي امان مان ڪڍي ڪري نفس جي حوالي ڪيو ويو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 49/7)

﴾24﴿ پيٽ ڀري کائڻ کان بچو، ڇوتہ اهو دل کي سخت ڪندو آهي، ڪاوڙ کي ضبط ڪري وجو ۽ گهٽو نہ کِلو، ڇوتہ اهو دلين کي مرده ڪندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 52/7)

﴿25﴾ پنهنجي گهر وارن سان بهتر انداز سان رهو ۽ اهڙا ٿي وڃو جو اوهان جي حالت ڏسي موت ياد اچي وڃي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 72/7)

﴿26﴾ ”لَا تَتَكَلَّمْ بِلِسَانِكَ مَاتَكْسِرُ بِهِ اَسْنَانَكَ“يعني پنهنجي زبان مان اهڙي ڳالهه نہ ڪيو جيڪا توهان جا ڏند ڀڃرائي ڇڏي.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 536/6)

﴿27﴾ عبدالله بن يونس رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مون حضرت سيّدنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي ڪيترائي ڀيرا هيءَ دعا گهُرندي ٻڌو آهي تہ: ”اي الله! اسان کي سلامت رک، اسان کي سلامت رک، اي الله! اسان کي هن دنيا مان سلامتيءَ سان جنت تائين پهچاءِ، اي الله! اسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت عطا فرماءِ.“
(اللّٰہ والوں کی باتیں، 538/6)


﴿28﴾ الله جي رحمت ۾ اميد رکڻ وارو فاسق ان عبادت گذار کان الله پاڪ جي وڌيڪ ويجهو آهي جيڪو انعام حاصل ڪرڻ جو ذريعو صرف پنهنجي عمل کي سمجهندو آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، 55/7)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هي رسالو پڙهي ٻين کي بہ ڏيو

شاديءَ جي تقريبن، اجتماعن، اعراس ۽ جلوسِ ميلاد وغيره ۾ مڪتبة المدينہ جا ڇپايل رسالا ۽ مدني گلدستا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گهڻو ئي ثواب ڪمائڻ لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار وڪڻندڙن يا ٻين ذريعن سان پنهنجي علائقي جي گهرن ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سئو رسالا يا مدني گلدستا پهچائڻ جي ترڪيب ٺاهيو ۽ گهڻو ثواب ڪمايو.

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92    0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net